سنگيت

(ماهوار)



آنرري سمپادڪ : لعل چاولا

سُگنڌ (ماهوار)

پرڪاشڪ : مرلي يوجواڻي آنرري سمپادڪ : لعل چاولا

35/139-بي،
سوروپ هال جي پرسان،
سنت ڪنور ڪالوني، بڙودا.

سي-ا، جيون ڏارا سوسائٽي،
سنڌو ساگر جي پرسان،
سنت ڪنور ڪِلوني، بڙودا-٦.

صلاحڪار : پرنسيپال جي. وي. مورجاڻي

SUGANDH (Monthly)

في انڪ : 10 رپيا سالیانو چندو : 100 رپيا

سال : 1 انڪ : 1

فهرست

ٻارهين سائنس ۾ سڄي گجرات ۾ پهريون نمبر سنڌي شاگرد انيل واشديو ايسراڻي

تازو مارچ ٢٠٠٠ ۾ ٿيل ٻارهين سائنس جي امتحان جي ظاهر ٿيل نتيجي ۾، ٻڙودا جو انيل واشديو ايسراڻي ٤٥٠ مان ٤٣١ مارڪون کڻي ٩٣.٤٩ سيڪڙي سان سڄي گجرات ۾ پهريون نمبر حاصل ڪري پارت ڀر جي سنڌين جو شان وڌايو آهي. هي پهريون موقعو آهي جو ڪو سنڌي شاگرد پهريون نمبر آيو هجي. ڪل ٥٠،٠٠٠ کان متي شاگرد شامل هئا. بائولاجيءَ جهڙي وشيه ١٠٠ مان ٩٩ مارڪون کڻي رڪارڊ قائم ڪيو آهي.

انيل ٻڙودا شهر جي برائيٽ انگليش ميڊيم جو شاگرد آهي. شروعاتي تعليم هن سنت ڪنور ڪالونيءَ جي هري شيوا گرلس وديالي ۾ حاصل ڪئي.

انيل جو جنم ١٢ آڪٽوبر ١٩٨٣ ۾ ٿيو. هن جو پتا شري واشديو ايسراڻي اِسٽيٽ بئنڪ آف اِنڊيا ۾ آفيسر آهي. شري ايسراڻيءَ ٻڌايو ته ننڍي هوندي کان ئي هن جو پڙهائيءَ سان خوب چاهه آهي. هو هوشيار ۽ تيجسوي شاگرد آهي.

انيل ڊاڪٽر بڻجڻ جي اِڇا ظاهر ڪئي، جئن سماج جي شيوا ڪري سگهي. انيل پنهنجي ڪاميابيءَ جو شرف پنهنجي مائٽن ۽ ٽيچرس کي ڏنو. جن کيس خوب همٿايو.

انيل جو سنڌي ٻارن کي اِهو سنديش آهي ته هو پڙهائي ۾ خوب محنت ڪن ۽ ايمانداريءَ سان رهن. هن ٻڌايو ته ڪنهن ب سنڌي شاگرد کي سائنس وشيه ۾ ڪنهن به مشڪلات لاءِ هو کيس مدد ڪندو.

''سُڳنڌ'' طرفان انيل ايسراڻي ۽ هن جي ماتا پتا کي هن لاثاني ڪاميابيءَ لاءِ خوب واڌايو هجن.

سمپادڪ جي قلم مان

اڄ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو گهٽبو ٿو وڃي لکڻ پڙهڻ تہ پري رهيو. سنڌي ڳالهائيندڙن جي تعداد ۾ پڻ ڪمي ايندي ٿي وڃي. ڪيترا رسالا نڪرڻ بند ٿي ويا يا وقت سر ڪونہ ٿا نڪرن. اهڙين ناساز حالتن ۾ پڻ ”سُڳنڌ“ جي اِشاعت، گهڻن جي دل ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪئي آهي.

”سُڳنڌ“ شروع ڪرڻ جي پريرڻا اسانکي نوجوانن مان ملي. سنڌي نوجوان هاڻي ٻوليءَ جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ ڪافي سجاڳ ٿيو آهي. حالانڪ ڪنهن بہ رسالي جي اِشاعت ڪرڻ ڪافي جاکوڙ ڀريو ۽ اتڪاٽيو ڪم آهي. ڪيئي لنگهہ لتاڙڻا آهن ۽ ڪيترين منزلون طئہ ڪرڻيون آهن. مونکي وشواس آهي تہ اعليٰ اديبن، دانوير دوستن، پريہ پاٺڪن ۽ نوجوان ساٿين جي سهڪارِسان مڙيئي مشڪلاتن مان پار پونداسين.

اسانکي بہ پريو وفا وانگر :

اکين ۾ جرڪي ٿو هڪ خواب
پسان شل جيون ۾ هڪوار
سنڌين ۾ ساهت لاءِ سڪ پيار
سنڌين جي هٿ ۾ هڪ ڪتاب
اکين ۾ جرڪي ٿو هڪ خواب

آنرري سمپادڪ

لعل چاولا

پرڪاشڪ طرفان:

”سڳنڌ“ جو پهريون پرچو توهانجي ڪر ڪملن ۾ سونپيندي مان بيحد خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. ڪجهه عرصي کان بڙودا جي پاٺڪن جي اِها اِڇا پئي رهي آهي تہ سنڌي ڀاشا مان ڪنهن رسالي جي اِشاعت ٿئي جنهن ۾ ساهتيڪ رچنائن سان گڏ ساهتڪ سرگرمين بابت بہ سامگري ميسر ٿيل هجي. مان پنهنجي ساٿي لعل چاولا سان گڏ اِن ڏس ۾ ڪوشش شروع ڪئي آهي ۽ ماهوار رسالو ”سڳنڌ“ شايع ڪري رهيا آهيون. مونکي اُميد آهي تہ پاٺڪن جو پورو پورو سهڪار ملندو ۽ هڪ ڏينهن ”سڳنڌ“ جي سڳنڌ بڙودا شهر کان ٻاهر نڪري پوري ديش ۾ ڦهلجندي. مان ڄاڻان ٿو تہ اِن لاءِ سخت جاکوڙ جي ضرورت آهي. مان توهان کي وشواس ٿو ڏياريان تہ سڳنڌ جي معيار ڏانهن اسانجو جوڳو ڌيان رهندو ۽ سڳنڌ جو هر نئون پرچو اڳي کان اڳرو هوندو. توهانجا راءِ ۽ سجهاو پڻ اسانکي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ هٿي ڏيندا. اسانجي ڪوشش رهندي تہ سڀني قسمن جي پاٺڪن جي رُچيءَ ڏانهن ڌيان ڏجي.

- مرلي ڀوڄواڻي

سچ ٻول

چئي ڏي جو چوٽو تي سچ
نہ ڪر تون ڏاڍن جي پرواه
اُتي ھي ٻاه نڳيءَ جا ناه
زهر جو جام ڪٽي پيو نچ
چئي ڏي جو چوٽو تي سچ

ڪوڙ

ڪوڙ تي ڪوڙو جهڙو زهر
نہ اُنکي ڪڏهن بہ جيڀ تي رکہ
مٿان تس لاتل ماکيءَ مکہ
ڪري ٿو مِٺ مِٺ هڪ اڌ پهر
ڪوڙ تي ڪوڙو جهڙو زهر

ڀهروپي

ڪري تي دنيا ڏاڍا دنيپ
ٻڻائي ڀهروپين جو بيکہ
ڏئي ٿو ڪانءُ هنج جو ڏيکہ
ڪبوُسو پائي اُن جا کنيپ
ڪري تي دنيا ڏاڍا دنيپ

نقاب

چڱو آ ڪير ۽ ڪير خراب
پرائو آ ڪي پنهنجو آهہ
نہ سمجهڻ ڪنهن کي سنهنجو آ
لڳل آ هر منهن مٿان نقاب
چڱو آ ڪير ۽ ڪير خراب

(سرخ گلاب - سرها خواب)

پنجڪڙا

پنجڪڙا پنجن سٽن جي ننڍي ڪوتا آهي، جنهن ۾ هڪ مڪمل خيال سمايل آهي. هن صنف جي ايجاد ”پريوُ وفا ڪئي، اِنڪري پريو وفا کي پنجڪڙن جو نرماتا ڪري ڇيو ويندو آهي. هن صنف تي پوءِ بين شاعرن پڻ قلم هلايو آهي پر وفا جا پنجڪڙا پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

پريو وفا موجب

پنجڪڙو پنجن سٽن جي ننڍڙي ڪوتا آهي جنهن ۾ هڪ مڪمل چٽر چٽيل آهي. پنجڪڙي جون وچون ٻه سٽون هم قافيه هونديون آهن. چوٿين سٽ پهرين سٽ سان هم قافيه هوندي آهي، پنجين سٽ پهرين سٽ جو دهراءُ ٿيندي آهي. دهراءُ اهڙيءَ طرح ٿيڻ گهرجي جنهن مان معنيٰ اُپري بيهي ۽ خيال کي شدت ملي. پنجڪڙي جي هڪ هڪ سٽ زنجير جي ڪڙيءَ مثل پاڻ ۾ جڙيل هوندي آهي ۽ بنا ٺهر جي يڪساءِ پڙهي سگهبو آهي. ساري پنجڪڙي کي پڙهڻ سان هڪ قسم جي لئه ٿي پيدا ٿئي.

”وفا“ جا ڪجهه پنجڪڙا

مذهب

اسان جو محبت مذهب آ
هيو سڀ ڪوڙ ڏُڏڙ ۽ ڏوُر
ڳهيلا! پُرجهي ڳجهه پروڙ
اسان جي روح اندر رب آ
اسان جو محبت مذهب آ

پنج رپيا زوريءَ ڏئي تي. ٻار پيري پوي ٿو. هو گد گد ٿئي ٿو. دٻي ۾ ويٺل ماڻهن جون نظرون ٻالڪ تي آهن. هڪ مسافر چوي ٿو، ”سنڌين ۾ ڪيتري نه مريادا آهي، ڪيئن نه ٻار خرچي ڏيندڙن کي پيري پيو!“ ٻيو مسافر چوي ٿو،”سنڌين کي شاباس آهي ته سچا پرشارٿي آهن.“ ڪجهه ويرم کان پوءِ ٻار پنهنجي ڏنڊي کي لڳي وڃي، ٿو. سيٺي ڪائنس ڪجهه نه ڪجهه وٺن ٿا ۽ پوءِ هو ٻئي ڪمپارٽمينٽ ۾ وڃي ٿو.

پنجن منٽن کانپوءِ هڪ ٻيو ڇوڪرو ڪمپارٽمينٽ ۾ پرويش ڪري ٿو. عمر ١٣-١٤ سال. روش ساڳيا پنڪج جهڙا. منهنجي گهرواريءَ وري منهنجي پيٺ کي چوي ٿي،”مهندي، هو ڇوڪرو پنڪج جو ڀاءُ ٿو لڳي.“ وري هوءَ ڪيس پاڻ وٽ سڏ ڪري وهاري ٿي ۽ ڪائنس پيار مان پڇي ٿي،”تون سنڌي آهين نه؟“

”ها“

”پنڪج تنهنجو ڀاءُ آهي؟“

”ها“

منهنجي گهرواري ٿورو ويچار ۾ پئجي وڃي ٿي. ٻئي ڀائر گاڏيءَ ۾ گهورڙيا! هن جي اِنتظاري وڌي ٿي.

”تون پڙهندو آهين؟“

”ها“

”گهڻو درجو؟“

”اَٺون. ۽ آنٽي مان پهريون نمبر ايندو آهيان.“

”سڪول ڪيڏي مهل وڃو؟“

”صبح جو سڪول وڃون. منجهند جو روٽي کائي هن گاڏيءَ ۾ ٻئي ڀائر ڌنڌو ڪريون. پنجن ڇهن سٽيشن کان پوءِ لهي پئون. اُتان وري واپس ايندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهي ڌنڌو ڪريون. شام جو گهر پهچون.“

”ليسن ڪيڏي مهل ڪريو؟“

”رات جو.“

”گهر ۾ ڪير ڪير آتو؟“

”پپا، ممي، اسين ٻه ڀائر ۽ ٻه ڀينر.“

لڙڪ ڳڙي پيا

- پرنسيپال جِي. وي. مورجاڻي.

اَٽڪل ڏهن سالن جو هڪ سندر ٻالڪ ريل گاڏيءَ جي دٻي ۾ پرويش ڪري ٿو، چاڪليٽ، ڪاري سنگهه، گوليون، بسڪيٽ وغيره ڇٻيءَ ۾ اَٿس، منهنجي گهرواريءَ جي مٿس نظر پوي ٿي، هوءَ منهنجي پيٺ کي چوي ٿي، ”مهندي، هي ڇوڪرو سنڌي ٿو لڳي.“ هوءَ کيس پاڻ وٽ سڏ ڪري ٿي ۽ پاڪر ۾ جهلي ڪائنس پڇي ٿي، ”تون سنڌي آهين؟“ ٻالڪ مشڪي ها چوي ٿو.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”پنڪج.“

”تون پڙهندو آهين؟“

”ها.“

”ڪهڙو درجو؟“

”پنجون.“

”گاڏيءَ ۾ شيون ڇو ٿو وڪڻين؟“

”پپا ڪونهِ ڪمائيندو آهي.“

منهنجي گهرواري ڪجهه گنڀير ٿي وڃي ٿي. هن کي ان معصوم ٻار تي ديا اچي وڃي ٿي. گڏوگڏ اِستري سلڀ ممتا منجهس جاڳي اُٿي ٿي. هوءَ کيس پنج رپيا خرچي ڏئي ٿي، ٻار وٽن کان اِنڪاري ٿئي ٿو. هوءَ کيس چوي ٿي،”مان تنهنجي ماسي ڪونهِ آهيان؟ مان توکي خرچي ٿي ڏيان.“ ٻالڪ نمي پيري پوي ٿو. پنج رپيا وٺي ٿو. منهنجي پيٺ بہ کيس پنج رپيا ڏئي ٿي. اُهي بہ هو پيري پئي سويڪار ڪري ٿو. پنج رپيا منهنجي اَمڙ بہ کيس ڏئي ٿي. ٻالڪ چوي ٿو، ”هاڻي بس، سيني جي خرچي اَچي ويئي.“

”مان تنهنجي ناني ڪونهِ آهيان؟“ ائين چئي امڙ کيس

غزل

- لعل چاولا

ا

ڏکي ٿو هرڪو هتي، پنهنجي منزل لاءِ،
مان ڏڪان ٿو ڇو هتي، مونکي خبر ناهه.
نہ مقصد جي سڌ آ، نہ راهه جو ڪو پتو،
وڃي ٿو هي رستو ڪٿي، مونکي خبر ناهه.
آهن گهٽيون گهاٽيون گهٽيون، ماڻهن جو بہ ميڙ آ،
ڪير آ پنهنجو هتي، مونکي خبر ناهه.
اجنبي شهر آ، هر موڙ ڪان آهيان اڻواقف،
رهي ٿو محبوب ڪٿي، مونکي خبر ناهه.
دنيا ۾ آهن منهنجا دوست گهڻا،
سچو ڪو دلبر هجي، مونکي خبر ناهه.
ڇون ٿا رهين ٿو چپ چپ سدا،
ڪنهن سان ڪيئن ڪا ڳالهہ ڪجي، مونکي خبر ناهه.

٢

مچن ٿا نہ هڪڙي ڳالهہ يي،
ڇون ٿا تو تان جان ڏينداسين.
لڙائين ٿا اکيون ٻين سان،
ڇون ٿا اسين تنهنجا ٿينداسين.
جدائيءَ جو غم جن جي دل ۾ ناهي.
ڇون ٿا تو بن ڪيئن جيئنداسين،
دوستن جون هي عجيب ڳالهيون،
اسين سمجهي ڪيئن سگهنداسين.

''توهانجو پيا ڪمائي ڪونہ؟''

''نہ آنٽي. اهو رڳو دارون پيئندو آهي. بيڙيون سگريٽ چڪيندو آهي. اڳي جوا بہ ڪندو هو. هڪ هوٽل هئي سا بہ وڪڻي ڇڏيائين. مميءَ جو سون بہ وڪڻي ڇڏيائين. هاڻي گهر ۾ وينو هوندو آهي.''

''تنهنجي ممي ڇا ڪندي آهي؟''

''پهرين تہ ڪجهہ ڪونہ ڪندي هئي. پر هاڻي سلائي ڪندي آهي. اسان کي پيڪيٽ نا هي ڏيندي آهي. شام جو حساب وٺندي آهي.''

''لعل توهين ڪيترو ڪمائيندا آهيو؟''

''ٻئي ڀائر ڪل ملائي ٥٠-٦٠ رپيا ڪمائيندا آهيون.''

''تنهنجو ڀاءُ تہ ننڍو آهي. ڪري پوي تہ؟''

''نہ آنٽي مان سنڀالي ڪيس چاڙهيندو آهيان. لهڻ مهل بہ مان ان کي پهرين لاهيان پوءِ مان لهان.''

''توهانکي ٽي.ٽي. يا پوليس وارا حيران ڪونہ ڪن؟''

''نہ آنٽي! اِهي تہ پاڻ اسانکي پيار ڪندا آهن.''

''توهان کان پوليس وارا پئسا وٺندا آهن؟''

''نہ آنٽي. ٻين کان وٺندا آهن، پر اَسان کان ڪونہ وٺن.''

منهنجي گهرواري ان کان انڪل ٢٥ رپين جا پئڪيٽ ورتي ٿي. ٻالڪ خوش ٿيندو ٻئي ڪمپارٽمينٽ ۾ وڃي ٿو.

منهنجي من ۾ ڪئين ويچار اُٿن ٿا. پهرين اکيون آليون ٿين ٿيون، پوءِ بہ لڙڪ ڳڙي هيٺ ڪري پون ٿا.

کين معلوم ٿيو تہ درگا جو شير اسانجو شڪار ڪري رهيو آهي. ڪيلاش جا جانور شو جي واهڻ نندي ٻڍل کي اهوان ڪري درگا وٽ دانهن ڪٺي آيا. شو ۽ درگا ماتا پري سڀا ۾ شينهن کان پڇيو تہ جانورن جي پڪار سچي آهي ڇا؟ درگا جي شير ڪنڌ هيٺ ڪري چيو تہ مان پنهنجي ٻين جات ڀائي شيرن جي سنگ ۾ شڪار ڪرڻ سکي آيو آهيان ۽ هتي پڻ ڪڏهن شڪار ڪندو آهيان. پوءِ شو ۽ درگا سندن شير کي چيو تہ تون هڪ مهني تائين اُپواس رک. ماس تہ پري رهيو پر اناج ڦل ۽ گاهہ بہ ڪونہ کائڻو ائين. چار پنج ڏينهن شير اُپواس رکيو . هن کي بک اچي ستايو سو درگا جي شير ڪيلاش جو سمورو پاڻي پي ڇڏيو. ڪيلاش ۾ پاڻيءَ جو ڏڪر اچي ٿيو. شو ۽ پارونيءَ وٽ پڪار ٿي. شو ۽ پارونيءَ ڏنو تہ سندن شينهن جو پيٽ ڦونڊارجي پيو آهي سو شير کان انجو ڪارڻ پڇيائون. شير وراڻي ڏني تہ اوهان ڪاڏو بند ڪيو بک لڳڻ جي ڪري ڪيلاش جو سمورو پاڻي پي ويو آهيان. پوءِ شو ۽ درگا شير کي چيو تہ توکي اُپواس ڇوڙڻ جي موڪل آهي. پر پيٽ ۾ پيتل پاڻي ٻاهر ڪڍ.

درگا جي شير وات ڦاڙي اوڪارا ڏنا. شير جي مک مان پيتل پاڻي ڏوڏو ڪندو ٻاهر نڪرڻ لڳو. هن سان هڪ ندي زور سان وهڻ لڳي. سنهہ جي مک مان پاڻي ڏوڏو ڪري وهڻ لڳو. تنهن شير جي مک مان نڪتل ندي سنهہ ڏوڏو ارٿات سنڌو ڪوٺڻ لڳا.

شو ۽ پارونيءَ نديءَ کي ور ڏنو تہ تون مهاپوتر ندي ٿيندينءَ لوڪ توکي ماتا ڪري پوڄيندا.

سپڪ سلوٽي سنڌي تان ورتل

جرمن اسڪالر ڊاڪٽر سورلي

سنڌي سماج سدائين صاف ۽ شفاف پاڻيءَ جي اهڙي اونهي ڍنڍ مثل رهيو آهي. جنهن ۾ ڪنول ڪليا بيٺا هوندا آهن. پر ڪين اِن ڳالهہ تي افسوس آهي تہ اِن ۾ ٻاهران ڳرا ۽ لڳاتار پٿر پوندا ٿا رهن. جن مان جيڪي لهرون پيدا ٿين ٿيون، اِهي نہ فقط ڪنول کي پاڙئون پٽيون ڇڏين، بلڪ پاڻيءَ کي لڙائي ميرو ۽ گدلو ڪيو ٿيون ڇڏين.

سنڌو نديءَ جو پراڻن موجب اِتهاس

شري هوندراج شرما

پراڻن گرنٿن ۾ سنڌو نديءَ جي اُتپتيءَ جو ورنن هن ريت اچي ٿو.

ڪيلاش پروت تي آدي ديوتا شنڪر مهاديو ۽ پاروتي رهندا آهن. ڪيلاش جو واتاورڻ ڏاڍو شانتيءَ وارو آهي. شنڪر ڀڳوان جي پوڄا سندس ڀڳت پريم سان ڪندا آهن. ڪيلاش جا جانور به شانت رهندا آهن. شو جو واهن نندي بئل آهي ۽ ماتا پاروتيءَ يا درگا جو واهن سنهه يا شينهن آهي. بئل ۽ شينهن هڪ هنڌ پريم سان رهندا هئا. درگا ديويءَ جو شينهن ماس ڪونه کائيندو هو. سال ۾ ٻه ڀيرا درگا ماتا جي پوڄا ڪندا آهيون. چيٽ ۽ اَسوءَ جي مهنن ۾ ۹ راتيون ۽ ۹ ڏينهن درگا ماتا جي پوڄا هلندي آهي. جنهن کي درگا جا نوراتر ڪوٺبو آهي. درگا ديوي ويدڪ ڌرم جي دشمنن شونڀ، نشونڀ ۽ مهشاس کي ماري سناتن ڌرم جي رکيا ڪئي هئي. اِنهيءَ ڪري اسين سال ۾ ٻه ڀيرا نوراتريءَ ۾ درگا ديويءَ جي پوڄا ڪندا آهيون.

ماتا درگا سندس شينهن تي سوار ٿي سال ۾ ٻه ڀيرا اسانجي کيل پوڄا انگيڪار ڪرڻ لاءِ اسانجي ديش ۾ ايندي آهي. هڪ ڀيري درگا ماتا شير تي سوار ٿي اسانجي ديش ۾ آئي. درگا جي شير جي اسانجي ديش جي شينهن جي سان ڏيٺ ويٺ ٿي. درگا جي شينهن ڏٺو ته ڀارت جا شينهن جانورن کي ماري هنن جو ماس کائي رهيا آهن. ديويءَ جو شير وائڙو ٿي ويو. هتي جي شيرن ريهي ريهي درگا جي شير کان شڪار ڪرايو ۽ هنکي ماس کارايائون. سو درگا جي شير کي مانس آهار جو چشڪو لڳي ويو. درگا ماتا موٽي ڪيلاش ۾ آئي. سندس شير جي مانس آهار تي ڏاڻ هري ويئي. تنهنڪري هو لڪ چپ ۾ ڪيلاش جي جانورن کي ماري کائڻ لڳو. جانورن جو انداز گهٽبو ويو. هنن جاچ ڪئي ته

آهي. هن سلسلي ۾ مان پنهنجي سادي ۽ روز مرهه ۾ ڪتب ايندڙ ڀاشا ۾ اسانجي جيون ۽ من جا بنيادي سنيہ ۽ اُصول سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اسانجي من ۾ اڪٿ شڪتي اسانجي جنم يا ڪنهن مندر مسجد جي برپا ٿيڻ کان اڳ ئي موجود آهي. زندگيءَ جا سناتن ستيہ ۽ متا تمام مذهبن کان قديم آهن.

مان ايندڙ ليکن ۾ اِهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس. توهان بہ جي هي متا پروڙيندا تہ يقينن توهان غريبي، ناڪاميابي، مايوسي، دک، بيمارين وغيره کان آجا ٿي سک،تندرستي، اميري حاصل ڪندا. توهانکي فقط پنهنجي من ۽ ڀاونا سان پنهنجن سنن ويچارن ۾ ايڪتا آڻڻي آهي. پوءِ ڏسندا تہ ڪيئن قدرت پنهنجو ڪم ٿي ڏيکاري.

هاڻي کان ئي شروعات ڪريو ۽ پنهنجي جيون ۾ چمتڪار ٿيڻ ڏيو. من جون اکيون کوليو ۽ ڏسو تہ توهان جي اڳيان ڪيتري نہ اڪٿ دولت پيئي آهي جنهن سان توهان زندگيءَ ۾ مزي، لذت ۽ لئہ سان جيئڻ جي هر ضروري چيز حاصل ڪري سگهندا. مڙيوئي ماڻهو اِنهن اُصولن کان اڻڄاڻ آهن. توهانکي جنهن چيز جي لوڙ هجي سا توهان پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهو ٿا. جيئن لوهہ منجهہ مقناطيسي شڪتي پيرڻ سان هو پاڻ کان ٻارهونڻو وزن کڻي سگهي ٿو، پر جي اُها شڪتي هن مان الوپ ٿي وڃي تہ هو تر جيتري شيءِ بہ ڇڪي نہ سگهندو.

ساڳئي طرح ماڻهو بہ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا جن ۾ مقناطيسي شڪتي مؤجود هوندي آهي، اُهي وشواس ۽ حوصلي سان ڀُرُ هوندا آهن ۽ ڪين ڄاڻ هوندي آهي تہ سندن جنم دنيا سڦل ۽ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ٿيو آهي.

ٻي قسم جا ماڻهو جن ۾ متئين شڪتي ڪين هوندي آهي. اُهي ڊپ ۽ اوشواس سان جيئندا آهن. ڪوبہ ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ئي تہ هيڻا ٿي ويندا آهن. کين اِها جهوري هوندي آهي تہ هو ناڪامياب وڃن تہ ...... ماڻهو اُنهن متان کلن تہ ...... اهڙا ماڻهو زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اڳيان اچي نہ سگهندا. توهان پهرئين قسم وارا يعنيٰ مقناطيسي شڪتيءَ وارا بڻجو ۽ صديون پراڻو قدرتي ڳجهہ ڄاڻو.

هي راز ڄاڻڻ لاءِ سڳند جو ايندڙ انڪ ضرور پڙهو.

منهنجو من

دليپ گولاٽي

اسان زندگيءَ ۾ ڪيئي چمتڪار ٿيندي ڏٺا آهن يا اُنهن جي باري ۾ ٻڌو آهي. دنيا ۾ اِنسان ڪڏهن ڪڏهن عجيب چمتڪار ڪري ٿو. ڪير اچانڪ رستي تان محل ۾ ٿو اچي سهڙي ۽ ڪو وري گندي بستيءَ جو ڇوڪر وڃي ٿو ناميارو فلم اِسٽار بڻجي يا اچانڪ وري راتو رات ڪو نئون چهرو نيتا جي روپ ۾ ٿو اُڀري اچي.

اهڙا چمتڪار توهان سان بہ ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن توهان پنهنجي من جي جادوئي شڪتيءَ جو استعمال ڪندا. هن ليک جو سلسلو شروع ڪرڻ جو خاص مقصد اِهو ئي آهي تہ ڪيئن توهان پنهنجي سوچ ۽ ڪلپنا شڪتيءَ سان پنهنجي قسمت بدلي سگهو ٿا. اِنڪري ئي چيو ويو آهي تہ

”جئن ماڻهو سوچي ٿو ائين هو بڻجي“.

"As you think so you become"

ڇا توهان وٽ هنن سوال جو جواب آهن؟

اِئين ڇو آهي تہ هڪ ماڻهو سکي آهي تہ ٻيو دکي؟ هڪ خوش ۽ آسودو آهي تہ ٻيو مسڪين ۽ تنگ مزاج؟ هڪ ڪافي هوشيار آهي ۽ ٻيو موڳو مٽر؟ هڪ ڪئنسر جهڙي بيماريءَ مان بہ چڱو ڀلو ٿي ٿو وڃي تہ ٻيو خصيس بخار ۾ پيو لوڙي؟ هڪ ئي جڳهہ تي آيل ٻن هم قسم هٽن تي هڪ هٽ گراهڪن جي ڀيڙ آهي تہ ٻئي هٽ رڳي ماکِ لڳي پيئي آهي؟ ڏهاڙي مندر ٽڪاڻي ۾ متو ٽيڪڻ ۽ ورت نيمن وارو بہ دکي ٿو رهي ۽ ناستڪ ٻيو مڙيوئي دنيا جا سک سهنجو ڀوڳي. ڇا توهانجي مغز ۾ هنن سوالن جا جواب آهن؟

هي سلسلو هنن سوالن کي سلجهائڻ لاءِ ئي شروع ڪيو ويو

سلامت رهي سونوءَ جو سنسار

ليکڪا : نرملا پوراڙيا

انوادڪ : ڪرشنا چاولا

سونو اڪيلو ئي کيڏندو هو. ڪڏهن ماچيسن جي کوکن جي ريل گاڏي نوڙيءَ سان ٻڌي هلائيندو آهي ته ڪڏهن ٻيرن جا کوکڙا گڏ ڪري پنهنجي ڪوٺيءَ جي ڪنڊ ۾ رکيل دٻي ۾ وجهندو ويندو آهي. هي ڪم هو پوري لڳن سان ڪندو هو. اُن کي راند ڪندو ڪوئي ڏسي ته سمجهي وجي ته هن کي ڪنهن به ساٿيءَ جي ضرورت نه آهي. هوُ اڪيلو ئي بڪ بڪ ڪندو آهي. ته ڪڏهن اکيون مچڪائيندو آهي ته وري ڪڏهن هٿ پير ڪٺي نچندو آهي. ڪوئلي جو ٽڪرو مليس ته اُن سان ڪوٺيءَ جي فرش تي آڏيون ڦڏيون ليڪون پائيندو آهي. ماءُ جي اچڻ جي آهٽ ٻڌي ته پنهنجي چترڪاري ڏيکارڻ لاءِ فخر سان ڇاتي ڦولاڙي ڪري بيهي رهندو آهي. پر ڏاڏيءَ جي اچڻ جو آواز ٻڌي ته پنهنجن پيرن سان يڪدم ڊاهي ڇڏيندو آهي. سچ پڇيو وڃي ته سونوءَ جي سچي ساٿي هنجي ماءُ ئي آهي. ماءُ ئي هن جي دنيا ۽ جهان آهي.

سونو اِسڪول به ويندو آهي. اِسڪول ۾ پنهنجي چاهيندڙ ”ديديءَ“ جو پلو پڪڙي ڳالهيون به ڪندو آهي. ڪاپي کولي، ”ديدي مونکي گوڊ ڏيو“، ”ديدي مونکي گوڊ ڏيو“ جو ضد به ڪندو آهي. پر جيڪا ڳالهه هن کي ماءُ ۾ نظر ايندي آهي. اُها ٻئي ڪنهن ۾ نظر نه ايندي آهي. گهنڊ لڳندي ئي هوُ گهر ڏانهن ڊوڙندو آهي. گهر ۾ گهرڻ سان ئي ماءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي خوشيءَ وچان چلائيندو آهي. ”ممي!“ ماءُ به گهر جا سڀ ڪم ڇڏي هنکي چُمي وٺندي آهي.

رات جو ماءُ جي سيني ۾ منهن لڪائي سونو ڪهاڻي ٻڌندو آهي. ننڊ اچي وڃڻ کانپوءِ به ماءُ هنکي پاڻ کان الڳ نه ڪندي

پروليون

١. ٻہ مرد وينا هئا ڪنهن پٽَ تي
پرسان هڪ پيرسن ٻہ وينو هو ڪٽ تي
پيرسن ٻنهي کي، ڏسي مشڪيو
۽ ڪانئن سڳپڻ بابت پڇيو.
هڪ مرد چيو،”جيڪا منهنجي سس آ
سا هنجي ننهن جي ٻہ سس آ“.

٢. وينيون هيون ٻہ مايون هڪ گهر ۾،
آئي هڪ ٻيڏڙي پيهي تن جي در ۾،
در اندر رکندي ئي پير،
ٻيڏڙيءَ کانئن پڇيو، ”توهان لڳو پاڻ ۾ ڪير؟“
هڪ مائيءَ ٻڌايس، ”جيڪو تئي منهنجو سهرو
سو هن جي سس جو ٻہ تئي سهرو“

٣. ويا تي وات تان هڪ مائي ۽ پائي،
گڏي تن کي هڪ سڄاتل ٻي مائي،
مائيءَ جو هو آواز وڏو،
واڪي سان پڇيائين،”توهان پاڻ ۾ ڪير لڳو؟“
پهرئين مائيءَ وراڻيو،”جيڪو منهنجو آ مامو،
سو هنجي مامي جو پي آ مامو.“

جواب : ١. ناني ۽ سهرو، ٢. سس - ننهن، ٣. ماءُ - پٽ

وينتي

ليکڪن ۽ ڪوين کي وينتي آهي تہ پنهنجون تازيون رچنائون ”سُڳنڌ“ کي موڪلين جيئن اسين ”سُڳنڌ“ جو معيار وڌائي سگهون.

سمپادڪ

آهي. ڳوڏ ۾ چڙهي پنهنجن هٿن سان هن جا ڳوڙها اُگهندو آهي. ماچيس جا ڪوڪا ۽ ٻيرن جا ڪوڪڙا هن جي جهول ۾ وجهندو آهي.

پر سونو اِهو سمجهي نه سگهيو هو ته ماءُ هي سڀ ڳالهيون ڏاڏي کي ڇو نه ٿي ٻڌائي! هڪ ڏينهن هن ماءُ چيو به هو. ماءُ چيو، ”ٻاٽيءَ ۾ رهي واڳوءَ سان وير نٿو رکي سگهجي پٽ.“ ۽ واڳوءَ جو نالو ٻڌي سونو پنهنجي ڳالهه ڀلجي ويو ۽ ماءُ کي واڳوءَ جي آکاڻي ٻڌائڻ لاءِ ضد ڪرڻ لڳو. ماءُ به ڳوڙها اُگهي هنکي اِها کهاڻي ٻڌائي.

ماءُ سونو ڪيڏانهن به نه ويندا هئا. ڇو جو ماءُ نه شاديءَ مراديءَ ۾ ويندي آهي ۽ نه ڪنهن مٽ مائٽ وٽ. بس سونوءَ جي ڏرم جي ماسي آهي. اُتي ماءُ پٽ ڪڏهن ويندا آهن. سونوءَ کي به ماءُ سان گڏ ماسيءَ وٽ وڃڻ سنو لڳندو آهي. پر سونوءَ کي اِها خبر نه هئي ته هڪ ڏينهن اڪيلوئي ماسيءَ وٽ اچڻو پوندو ۽ هتي ئي رهڻو پوندو.

ٿيو اِئين ته ماءُ جي ساڙهي ڦاٽي پيئي هئي. ڏاڏو اُن لاءِ ساڙهي وٺي آيو. ڏاڏيءَ اُها ساڙهي ماءُ جي منهن تي ڦٽي ڪري، مٿي تي هٿ رکي روئڻ لڳي. چوڻ لڳي،”مونکي ڪير ٿو پڇي؟ هن کي ته پنهنجي ڀهرئين زال جي پٽ جي گهرواري ئي اسان ٻنهي ماءُ پٽ کان وڌيڪ پياري آهي.

۽ اِها ڳالهه اتي ئي پوري نه ٿي. ڏاڏي ۽ چاچي جي وچ ۾ الائي ڪهڙي ڳالهه ٿي، ڏاڏيءَ چاچي کي اَلائي ڇا سيکاريو جو چاچي ڏاڏي کي چيو،”ٻاپي دريءَ تي ويهي سامهون واري گهنشام کي ڏسندي آهي. نئين ساڙهي ۾ هن کي سنيڙڻ ۾ سهوليت ٿيندي. حساب ۾ ته دادا هيءَ ساڙهي توهانکي ته اَمان کي ئي ڏيڻ کپندي هئي.“

گهنشام کي ماءُ ڇو ڏسندي اِها ڳالهه سونوءَ کي سمجهه ۾ نه آئي. ۽ نه وري سونوءَ ماءُ کي اِئين ڪندو ڪڏهن ڏٺو هو. هن دفعي ماءُ ته خوب رني پر ڏاڏو به روئڻ لڳو. هن ڏاڏيءَ کي چيو، ”ٺيڪ آهي هي تنهنجي اکين ۾ چڀن ٿا نه! ته مان اِنهن جو الڳ بندوبست ٿو ڪري ڇڏيان.“

آهي. رات جو ڪونيءَ ۾ ڪوئن جي بہ ڀيڳهي مچندي آهي. پر انهجي چنتا سونوءَ کي ڪانهي. ماءُ جو آهي. ماءُ هر دک جي دوا آهي. ماءُ جي هوندي، هوُ سلامت آهي. نہ فقط ڪوئن کان پر دنيا جي هر خطري کان.

لاڏ ۾ اچي سونو ماءُ جي هٿن تي پنهنجا ننڍا هٿ رکي ماپ ڪري ڏسندو آهي. ماءُ جي ڳٽن تي پنهنجا چپ رکي چڏيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ماءُ جي پلوُ ۾ منهن لڪائي ''هائي'' ڪندو آهي. هنئَي ماءُ جي هر ڳالهہ سني لڳندي آهي. سنا نہ لڳندا آهن تہ بس هنجا ڳوڙها. سونوءَ جي خوشيءَ ڀري سنسار ۾ فقط اِهو ئي هڪ غم آهي. هنجي ماءُ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙندا آهن ۽ خوب ڳڙندا آهن. هنکي اُنهن ماڻهن مان ڊپ ٿيندو آهي. جيڪي هن جي ماءُ کي روئاريندا آهن.

هي ڊيڄاريندڙ ماڻهو ٻيا ڪي نہ پر هنجي پنهنجي ڏاڏي ۽ چاچو آهن. سونو اڃان ننڍو آهي، اِهي ڳالهيون سمجهڻ جي تہ اُهي هنجي ماءُ کي کهڙو دک ڏيندا آهن. پر اُهي لفظ، بنا ڪنهن سمجهڻ جي هنکي رنجي ويا آهن، جيڪي هنجي ماءُ جي ڪنن ۾ پوندي ئي ڳوڙها بڻجي ويندا آهن. اُهي لفظ روز گهر جي هوا ۾ ترندا آهن. ۽ ''سونوءَ ۽ ماءُ جي ڪوني'' ڳوڙهن جو تلاءُ بڻجي ويندي آهي.

ڏاڏي چوندي آهي،''ڪوني؟ تون اِنکي سامان واري ڪوني تي چوين ڪنوار؟ اِهو نئي مڃين تہ اسان توکي گهر ۾ رکيو آهي ۽ رهڻ لاءِ هڪ الڳ ڪمرو ڏنو آهي.''

سونو اڪثر پڇندو آهي،''اسان نانا جي گهر چو نہ ٿا هلون؟''

''تنهنجو نانو هجي هان تہ پوءِ ڳالهہ ئي ڪهڙي هئي.'' اِهو چئي بہ ماءُ روئيندي هئي اِنڪري سونو هاڻي اِهو پڇڻ کان بہ ڊڄندو آهي.

''پاپي تون دريءَ تي بيهي ڪري ڇاٽي ڏسين؟ تون ماڻهن کي ٿي ڏسين ۽ ماڻهو توکي.'' جڏهن چاچو اِئين چوندو آهي تڏهن بہ هنجي ڪوني ماءُ جي ڳوڙهن سان ڀرجي ويندي آهي. روئيندڙ ماءُ کي وندرائڻ لاءِ سونو پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪندو

"منهنجا لال تو کان سواءِ مان ڪيئن جيئندس؟ اِن کان نہ جيئڻ بہ هو هتي ئي سٺو هو." هوءَ زور سان روئڻ لڳي. سونو بہ جام روئي رهيو هو. ماءُ جي روئڻ سان بہ هن کي ڌڪ ٿي رهيو هو ۽ ماءُ سان گڏ نہ وڃڻ جو بہ. مٿان وري ڪوڙ جو ڏپ. هو بيحد ڊڄڻ لڳو.

ماسيءَ وٽ سونو گم سم ٿي ويو. هو ماسيءَ وٽان بہ اسڪول ويندو هو. پر هنجو ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ من نہ لڳندو هو. نہ راند ڪيڏڻ ۾، نہ اڪيلو نہ چينوءَ مينوءَ سان گڏ.

رات جو هو چينو مينوءَ سان گڏ سمهندو هو. ماسي ۽ ماسڙ الڳ ڪمري ۾. چينو مينوءَ جو هي ڪمرو وڏو، هوادار ۽ ڏاڍو سجيل هو. هتي ڪيترا رانديڪا بہ هئا ۽ ڪوئا بہ ڪونہ هئا. پر هن کي ڪجهہ بہ سٺو نٿو لڳي. هن کي ماءُ جي خوب ياد ٿي اچي. پر ياد کان وڌيڪ هن کي ڏپ ٿو لڳي تہ ڪٿي ماءُ روئندي روئندي کوهہ ۾ ڪري نہ پوي. هن چينوءَ سان بہ اِن ڏپ جي ڳالهہ ڪئي. چينوءَ هن کي ٻڌايو تہ کوبہ کوهہ ۾ ڪري پوي تہ اُهو ٻڏي ڪري مري ويندو آهي ۽ مري وڃڻ يعنيٰ ڀڳوان جي گهر وڃڻ جتان ڪو بہ واپس نہ ايندو آهي. جئن سونوءَ جو پپا هلي ويو آهي.

سونوءَ جو ڏپ وڌندو ويو. رات جو سپنن ۾ بہ هن کي آشرم جو کوهہ نظر ايندو هو. هن سوچيو تہ ماسيءَ وٽان ڀڄي ڪري وڌوا آشرم وڃي ماءُ کي بچائيندس ۽ چوندس تہ هل پنهنجي کوٺيءَ ۾ ئي ٿا هلون پوءِ ڀلي اُتي روئڻو پوي پر تون مونکي ڇڏي ڀڳوان وٽ تہ نہ ويندينءَ.

لڳاتار ڏپ رهندي ۽ ماءُ جي لڳاتار ماءُ جي ياد ڪري سونوءَ کي بخار ٿي پيو هو. ماسڙ ڊاڪٽر کي وٺي آيو ۽ ماسيءَ دوا بہ ڪئي پر ماءُ جي ڇاتيءَ بنا هن جو دم گهٽجڻ لڳو. بخار تہ ٻن ڏينهن ۾ لهي ويو پر هن جو جيءُ ٺيڪ نہ ٿيو. هڪ ڏينهن ڏاڏو هن کي وٺڻ آيو.

ماءُ آشرم مان گهر آئي هئي. سونو بہ گهر آيو. ماءُ ۽ سونو ملي خوب رُنا. ڏاڏيءَ چيو بہ، "سٺو ناٽڪ هلي رهيو آهي." پر اُن سان ڇا ٿو فرق پوي. هن پل سونو سنسار جو سڀني کان سکي ٻار هو.

ڏاڏي ماءُ کي وڏوا آشرم ۾ موڪلڻ جو بندوبست ڪيو. سونوءَ کي بہ لڳو تہ هو الڳ جڳهہ تي رهڻ ويندا تہ هن کي وڏيڪ مزو ايندو. اُتي ڏاڏي ۽ چاچو نہ هوندا تہ ماءُ روئيندي بہ نہ.

اِسڪول ۾ هو وڏوا آشرم جي باري ۾ ئي سوچڻ لڳو. گهر آيو تہ ڏاڏي پاڙيواريءَ سان ڳالهيون ڪري رهي هئي ۽ ماءُ چانور سوئي رهي هئي. هن اچڻ سان ماءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌيون ۽ ابوجهائيءَ مان پڇڻ لڳو، ”ممي آشرم ڪيئن آهي؟ اُتي ڏاڍو مزو ايندو نہ!“ ماءُ ٻڇي ڪري سونوءَ کي چپ ڪرڻ جو اِشارو ڪيو. ڏاڏيءَ منهن مچڪايو. پاڙيواريءَ ڏاڏيءَ کان پڇيو، ”تنهنجي نونهن اُن منحوس کوہ واري آشرم ۾ تي وڃي؟“ ”موڪلڻ وارا چاڻن“ ڏاڏيءَ چيو. سونو وري پڇڻ لڳو،”ٻڌاءِ نہ ممي آشرم ڪيئن آهي؟“ پر ماءُ کي ڪهڙي خبر. ۽ هوءَ ڪجهہ چوي، اُن کان اڳ پاڙيواريءَ چيس، ”مان تي ٻڌايانءَ، اُتي کوہ آهي، باغ آهي. زالون کوہ مان پاڻي پرينديون آهن. هڪ وڏي چُلهہ آهي. صبوح شام گهنڊ وڄندو آهي تہ سڀ زالون هڪ لائين ۾ ويهي روٽي کائينديون آهن. سونو تاڙي وڄائڻ واري ئي هو تہ پاڙيواري اُن کي چڙي ڏاڏيءَ سان ڳالهائڻ لڳي. اُن کي سنسنيخيز گهٽنائون ٻڌائڻ جي عادت جو آهي، هوءَ ڏاڏيءَ کي آشرم جي کوہ بابت ٻڌائڻ لڳي. ”چا ٻڌايانءَ ڀيڻ، اهڙو منحوس کوہ آهي، ٿن جڻن جي جان وٺي چڪو آهي. اُتي ويندڙ زالن وٽ زهر کائڻ جا بہ پئسا ڪونہ هوندا آهن. اِنڪري ڪا ويچاري دک نہ سهي سگهڻ جي ڪري کوہ ۾ ٽپو ڏيندي آهي. هڪ دکي عورت تہ پاڻي ڀرڻ ويئي تہ روئندي روئندي هن جو پير تڙڪي پيو ۽ هوءَ ڪري پيئي.“

هي ڀڳوان! ٻڌي ڪري سونوءَ جو تہ ساہ نڪري ويو هو هن تڏهن ئي فيصلو ڪري ورتو تہ ماءُ سان لڳاتار گڏ رهندو. هن کي کوہ ۾ ڪرڻ نہ ڏيندو. پر جڏهن ڏاڏو آشرم جي باري ۾ جاچ ڪري موٽيو تہ خبر پيئي تہ آشرم ۾ ڇوڪرن کي نہ رهايو ويندو آهي. پوءِ پلي هو نندو ٻار چو نہ هجي. آخر ماءُ کي آشرم ۾ موڪليو ويو ۽ سونوءَ کي ماسيءَ وٽ.

ماءُ ويندي ويندي سونوءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائي خوب رني،

شري هريش چينملاڻي ۽ شريمتي ورشا اوڌوداساڻي سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ تي

تازو ئي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ تي بڙودا شهر مان شري هريش چينملاڻي ۽ شريمتي ورشا اوڌوداساڻيءَ کي ميمبر طور کنيو ويو آهي.

شري هريش چينملاڻي، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا جو ڪاروباري ميمبر ۽ سنڌو ساهت سڀا، بڙودا جو پريزيڊنٽ آهي ۽ ساهتيہ اڪادميءَ تي ٽيون دفعو کنيو ويو آهي.

شريمتي ورشا اوڌوداساڻي سنڌيءَ ۾ M.A. ڪيل آهي ۽ ايم. ايس يونيورسٽيءَ جي آرٽس وڀاڳ ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار آهي.

سُڳنڌ پريوار ۽ ڪنورارم سنڌي ڪلا ڪيندر بڙودا طرفان ٻنهي کي لک لک واڌايون.

زندگيءَ ۾ بهترين ڏينهن

ترپت سياڻي

هڪ محفل ۾ بحث اچي چڙيو تہ زندگيءَ ۾ بهترين ڏينهن کهڙو آهي. ڪنهن چيو ڏياري، ڪنهن چيو ناتال، ڪنهن چيو جنم جو ڏينهن، ڪنهن چيو شاديءَ جو ڏينهن. هڪ جوان جنهن مان ۾ ويني ٻڌو، تنهن غور ڪرڻ بعد چيو، بهترين ڏينهن آهي ''اڄ''، ڇاڪاڻ تہ اڄوڪو ڏينهن اسان صحيح ريت گهاريو تہ آئينده بہ

رات جو پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ماءُ جي ڀڪيءَ ۾ ٻانهون وجهي سونو ماءُ کان پڇڻ لڳو، ”تون ڪيئن اچي وئينءَ ممي؟ ڇا آشرم وارن به توکي ڪڏهن ڇڏيو؟“

ماءُ چيو، ”نه ري، تنهنجي ڏاڏيءَ کان گهر جو ڪم نه پيو ٿئي. اِنڪري گهرائي ورتائين.“

”هاڻي اسان هتي ئي رهنداسين نه ممي.“

”ها“ ماءُ هن سان لپٽي روئندي جواب ڏنو.

سونو هاڻ خوش هو. اڄ ماءُ جا لڙڪ به هن کي خراب نه لڳا. اڄ گهڻن ڏينهن کانپوءِ هن کي ڪيڏڻ جي اِڇا ٿي. هو ماءُ جي ڀڪيءَ مان ٻاهون ڪڍي هڪدم اُٿي وينوءَ ٻيرن جي ڪوڪڙن سان ڪيڏڻ لڳو. ڪوئا به اڄ ڪجهه وڌيڪ ٻيگهي مچائي رهيا هئا. ڪجهه به هجي ”سونوءَ جو سنسار سلامت رهي.“

★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★

گيت

آ ڪانگا ڪر ڳالهه (سورٺ)

آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مان کي تن ماروئڙن جي
ماروئڙن جي - سانگيئڙن جي - آءُ ڪانگا

١. ٻن عمر تنهنجا ماڙيون ۽ بنگلا
کهه ڏريون ڪنن مال - مان کي تن.....

٢. پٽ پهريندس ڪينڪي عمر
ور لوئيءَ سان لال - مان کي تن ....

٣. آنءُ ڏهاڳڻ آهيان اُنهن ريءَ
خوشي وسن سي شال - مان کي تن....

٤. درياهه خان چوي مارئڙن ريءَ هتڙي
هيءَ هيءَ کهڙو حال - مان کي تن.....

(درياه خان)

هليو ويو. پنهنجو مٿو زمين تي ڪُٽي هٿين نہ بہ ڪالهہ وارو ڏينهن توکي وري واپس ڪين ايندو. پوءِ ڇا لاءِ تون ڪالهہ جو وڃڻ ڪرين ۽ ٻاڏڪي حيران پريشان ڪرين. وري سڀاڻي لاءِ اجايا پور پچائي، جو تون اڄوڪو قيمتي وقت ضايع ڪرين. آئينده جي ڀلي ۽ بهتريءَ لاءِ آوشڪ آهي اڄوڪو ڏينهن ۽ جيڪي اڄ ڪنداسون.
اي غافل اِنسان! اڄوڪو ڏينهن جو تنهنجي وس ۾ آهي، تنهنکي هٿن مان کسڪڻ ٿو ڏين ۽ اِهو بہ ڇا لاءِ؟ جيڪي ڪالهہ ٿي گذريو، تنهن تي پريشان ٿي، اڄوڪو ڏينهن وڃائڻ ناداني آهي. جيڪي اڃان هٿ نہ آيو آهي، تنهن لاءِ پور پچائي، اڄوڪو وقت کوهڻ پاڳلپڻو آهي. اڄ سڌاريندين تہ ڪالهہ جو وڃايل سمو بہ سرهو ۽ سڀاڻو بہ روشن ٿيندو.

(جيون جهروڪا)

سريشٽ ٿيندو. ماضي تہ مري چڪو. سڀاڻو ڄاڻو ئي ڪين آهي. اڄوڪو ڏينهن ئي ستيہ آهي.

ڊيل ڪارنيگي مشهور گرنٿڪار جي ميز تي ڀارت جي مشهور ناٽڪ نويس ڪاليداس جي ڪوتا رکيل هوندي هئي، جنهنجو سار آهي: زندگيءَ جي ڪاروان جو ”اڄ“ ۾ سمايل آهي قصو. ”ڪالهہ“ سپنو ٿي رهيو، ”سڀاڻ“ پڻ خواب جو دوکو. ”اڄ“ جي سڦلتا تي ڪري ”ڪالهہ“ کي بہ سڦلو.

جان وڪسن انگلنڊ جي نامور ودوان جي ميز تي هڪ پٿر رکيل هو. جنهن تي هڪ اکر اُڪريل هو ”اڄ“

عمر خيام چيو آهي: سڀاڻي جو ڄاڻو ئي ڪونہ آهي، ڪالهہ جا مري چڪي آهي، تنجي چا لاءِ چنتا ڪجي، جڏهن اڄ ميٺاڄ ڀريو آهي.

هڪ ڏنوان کي پنهنجي ستن پيڙهين لاءِ سمر ڪافي هو اونو هوس تہ انيڻ پيڙهيءَ لاءِ ڪجهہ ڪري وڃان. اهو خيال ڏاڍو ستائيندو هوس. سندس پتنيءَ کي وري پنهنجي پتيءَ جي اِن خيال ڪري ڳڻتي رهندي هئي. هڪ مهاپرش سان وڃي صلاح ڪيائين. هن کيس صلاح ڏني،”شهر جي سيني ماڻهن کي هڪ ڏينهن جو سيڌو پهچايو تہ تنهنجي پتيءَ جي مُراد سڌ ٿيندي.“ پتنيءَ پنهنجي پتيءَ سان اِها ڳالهہ چوري. پتيءَ صلاح مڃي ۽ شهر جي سيني ماڻهن ڏانهن هڪ ڏينهن جو سيڌو موڪليو ويو. سيني سيڌو ورتو، رڳو هڪ ساڌوءَ وٺڻ کان اِنڪار ڪيو. چوائي موڪليائين: ”اڄوڪي ڏينهن جو سمر پاڻ وٽ اٿم، سڀاڻي جو آنءُ خيال ڪريان ئي ڪين. سڀاڻي لاءِ سيڌو پاڻيهي مالڪ سڀاڻي موڪلي ڏيندو.“ ڏنوان اِها ڳالهہ ٻڌي ويچار ۾ پئجي ويو. ساڌوءَ جا اکر سندس اندر ۾ پيهي ويا. سوچڻ لڳو تہ ”ساڌو سڀاڻي لاءِ سيڌو وٺڻ کان اِنڪار ٿو ڪري، ۽ مان اهڙو اياڻو آهيان، جو ستن پيڙهين جو سمر ميسر اٿم تہ انين پيڙهيءَ جي سمر لاءِ چنتا ۾ پيو گهاريان.“ اِهو خيال اندر مان ڪڍي ڇڏيائين ۽ سنتوش اچي ويس.

نارد منيءَ ڪالهہ، اڄ ۽ سڀاڻي بابت پنهنجي پروچن ۾ چٽيءَ طرح سمجهايو آهي، ”ڪالهہ جو ڏينهن تنهنجي هٿن مان

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا
طرفان سال ۲۰۰۰ لاءِ

انعامن جي پڌرائي

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا گذريل ٻائيتاليهن سالن کان سنڌي ٻولي، ساهتيہ، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي وڪاس لاءِ ڀاڻ پتوڙيندي رهي آهي.

لائق شخصن جي قدرشناسي ۽ همت افزائي ڪرڻ لاءِ سڀا طرفان هر سال لک روپين کان به وڌيڪ جا نقد انعام بہ ڏنا ويندا آهن. ساهتيڪ کيتر ۾ ارڙهن سالن کان ٻرک ساهتڪارن، کي ڪلا کيتر ۾ ٻرک ڪلاڪار، چترڪار، سنگيتڪار، نرتيہ ڪلاڪار کي، سنڌيت جي شيدائيءَ کي ۽ اِن سان گڏوگڏ سماج جي ڪنهن ٻرک اِستريءَ کي پڻ روڪ انعام ڏنا ويندا آهن. هن سال کان سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ ۽ ناٽڪ کيتر ۾ پڻ انعام شروع ڪيا ويا آهن. ۽ ايندڙ سال کان ٻرک سنڌي پترڪار کي شري رام جواهراڻيءَ طرفان سڀا معرفت يارهن هزار روپيا انعام ڏنو ويندو.

اِنعام سال - ۲۰۰۰

سنڌي ٻولي اوارڊ : سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ ۾ املہ يوڳدان ڏيندڙ

پوپٽي هيراننداڻي ۲۵۰۰۰/-

پوپٽي هيرانندڻي سنڌي ادب ۽ سنڌين جي هلچل جي سرمور اِستري آهي، جنهن سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ جي بچاءُ لاءِ رت ست ڏنو آهي. هوءَ هڪ بردبار ليکڪا جي روپ ۾ جاتي سڃاتي ويندي آهي. سنڌي تعليم، ٻولي ۽ ادب جي کيتر ۾ زندگيءَ ڀر ڪيل سندس سموريءَ خدمتن جي قدرشناسي ڪندي هي اوارڊ ڏنو ويو آهي.

ٻارن جي لاءِ چُورڻ

١. شرنگيادي چُورڻ — श्रृंग्यादि चूर्ण

اتيس، پپريون، ڪاڪڙا سنگي هموزن ڪٽي ڪپڙ ڇاڻ ڪري چورڻ ٺاهجي.

وزن - ٢ کان ٣ رتيون — ٢-٣ ڀيرا

ماکيءَ يا ٿڃ ۾ ملائي ٻارن کي چٽائجي.

ٻارن جي تپ، کنگهه، دستن، قبضي، ٿڌ ۽ وائي بادي وغيره کي لاهي ٻارن کي خوب بک لڳائي طاقتور بڻائي ٿو.

٢. ورهت شرنگيادي چُورڻ — वृ. श्रृंग्यादि चूर्ण

ڪاڪڙا سنگي، سنڌ، پپريون، ٻارنگي، ڪل وڏي هريڙ، ڪل ٻهيڙا، ڪل آورا، پهڪر مول، آڏيريءَ جا ڏينهان، سامونڊي لوڻ، لوڻ سينڌو، لوڻ ڪارو، ڪلر جو لوڻ، لوڻ جو ڪار، هموزن سڀ شيون ڪٽي دستور موجب چورڻ ٺاهي رکجي.

وزن ماسه کان ٢ ماسا — ٢-٣ ڀيرا

گرم پاڻيءَ يا ماکيءَ سان ڏيڻ گهرجي

ٻارن جي ڇاتيءَ جي خرابي، دم، کنگهه، نمونيا ۽ پيلن دستن اچڻ وغيره لاءِ بلڪل ڪارگر آهي.

نوٽ : هي سڀ شيون ڪرياڻي يا پسارڪي دڪان تي ملي سگهنديون.

ڪيترن ناميارين ڪمپنين جي مارڪي سان پڻ هن نالي جا چورڻ بزار ۾ مؤجود آهن.

هو رنگ منچ جو ناميارو اداڪار آهي ۽ رنگ منچ جي سيني هنرن جي هڪ ماهر شخصيت پڻ آهي. هن ''اوکا پنڌ پهاڙ جا'' ۽ ''ڪيمر ڪنهن جو'' نالي ٻن سنڌي فلمن ۾ به ڪم ڪيو آهي.

سنڌيت اوارڊ : صاحب ٻجاڻي   ١٠٠٠٠/-

سنڌي ادب جو اينسائڪلوپيڊيا صاحب مولسنگهه ٻجاڻي سنڌي تهذيب، ادب ۽ ڪلا جو خاص چاهڪ ۽ پوڄاري آهي. هن وٽ هر وشيه تي املهه سنڌي ڪتابن جو خزانو آهي. سنڌي ساهت جا معياري، اڻلڀ ۽ عمدا ڪتاب ڇپائڻ جو هن کي جنون آهي. ان مقصد لاءِ هن ''اُسات ساهت مالها'' برپا ڪئي آهي. سنڌين جي نئين ٽهيءَ ۾ پنهنجي ٻولي، ساهت سنسڪرتي نِوڙي سنڌ جي جاگرافي ۽ تورايخ لاءِ چاهه جاڳائڻ لاءِ هن سوالن جوابن جي صورت ۾ انگريزيءَ ۾ باتصوير ڪتاب ڇپايو آهي.

برک اِستري اوارڊ : ڊاڪٽر درگا ٽارواڻي

ڪلڪتا شهر جي سنڌين ۾ تعليمي ۽ ساهتڪ چيتنا جاڳائڻ لاءِ پنهنجي جيون جو املهه وقت ڏيڻ واري برک سماج سيوڪا ڊاڪٽر درگا ٽارواڻي هڪ سرگرم ۽ برک سماجڪ ڪاريه ڪرتا آهي. هن ٻارن کي بهترين سکيا ڏيڻ لاءِ ڪلڪتي ۾ سنه ١٩٥٩ع ۾ سينٽرل ماڊرن اِسڪول برپا ڪيو، جنهن جي ستن برانچن ۾ اڄ ٣٥٠٠ ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

سماجڪ کيتر ۾ ڪيل سندس شيوائن جي قدرشناسي ڪندي سنه ١٩٨٥ع ۾ راشٽرپتي اوارڊ ملي چڪو آهي. هوءَ اِنڊين ڪئنسر سوسائٽيءَ جي مهلا وڀاڳ جي صدر آهي.

سيني اوارڊ ڪٽندڙن کي سڳند طرفان خوب واڌايون هجن.

Printed at **Mahalaxmi Printing Service,**
Dabhoi Road, Baroda-4.

ساهتيڪ اوارڊ : ڊاڪٽر پريم پرڪاش   -/٢٥٠٠٠

سنڌي ناٽڪ کيتر ۾ نوان ۽ نرالا تجربا ڪري ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نويس ڊاڪٽر پريم پرڪاش ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. هن سنڌي ناٽڪ جي اوسر تي کوجنا جو ڪم ڪري اِن وشيہ تي ٿيسز لکي، ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي.

ناٽڪن سان گڏوگڏ هن ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون بہ لکيون آهن.

سنڌي سنگيت اوارڊ : مهيش چندر   -/٢٥٠٠٠

نہ سنڌي سنگيت جي سُرن، ڀيروي، ڪوهياري راڳو جهڙين راڳڻين ۾ ڪلام ۽ ڪافيون پيش ڪري سنڌي سنگيت کي اوج ڏيندڙ مهيش چندر امر گائڪ ماسٽر چندر جو سپتر آهي. هن ١٩٦٩ع ۾ ايڇ.ايم.وي. طرفان پهرئين سنڌي غزلن ۽ ڪلامن جي رڪارڊ ”سڄ اُڀر نہ تون شل رات هجي.“ مان سندس گائڪي موسيقيءَ جي فن ۽ سُريلين باريڪ مُرڪُن جي ڪلا بخوبي ظاهر ٿي. هن هندي ۽ سنڌي فلمن ۾ بہ گيت ڳايا آهن. اردو غزل جي گائڪيءَ ۾ بہ هو پنهنجو خاص مقام رکي ٿو. هندستان جي کيترن مشهور ڳائيندڙن جهڙوڪ لتا منگيشڪر، منادي، آشا ڀونسلي، ڪويتا ڪرشنامورتي ۽ انوپ جالوٽا کي هن سنڌي ڪافيون سيکاري ڳارايون آهن.

تازو ئي پرڌان منتري اٽل بهاري باجپاء جي گيتن کي سنگيت ۾ سجائي، پدمجا جي آواز ۾ ”گيت نيا گانا هون“ آلبم پيش ڪري هن نالو ڪمايو آهي.

ناٽڪ اوارڊ : سنڌي ناٽڪ کيتر ۾ املهہ يوگدان ڏيندڙ گهنشيام آسواڻي   -/٢٥٠٠٠

سنہ ١٩٥٨ع کان هندي ايڪانڪيءَ ۾ پهريون ڀيرو اداڪاري ڪري انعام کٽيندڙ گهنشيام آسواڻيءَ وري پٺ ورائي ڪانہ ڏني.

شهيد هيمون ڪالاڻي

جنم
٢٣ مارچ ١٩٢٣ع

ويرگتي
٢١ جنوري ١٩٤٣ع

١٩٤٢ع ''ڪئٽ انڊيا هلچل''

هيمون ڪالاڻي ۽ اُن جي ساٿين کي ڄاڻ پيئي ته آزادي آندولن کي ڪُچلڻ لاءِ روهڙيءَ کان هڪ اسپيشيل لشڪري ٽرين اچي رهي آهي. ديش ڀڳت هيمونءَ جو رت ٽهڪڻ لڳو. هن ساٿين سان گڏجي اُن ٽرين کي ڪيرائڻ جو پرڻ ڪيو. ''همٿين بندا مددي خدا''. ٽرين لنگهڻ کان ڪجهه وقت اڳ ريلوي لائين مان فش پليٽون ڪڍڻ شروع ڪيائون. قسمت جي ڪچائي ڏسو، فش پليٽون ڪڍندي پوليس کين ڏسي ورتو. ٻيا ساٿي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ويا. پر وير هيمون پڪڙجي پيو.

اُن وقت سنڌ ۾ مارشل لا (Law) عمل ۾ هو. هيمونءَ کي مارشل لا ڪورٽ ۾ آندو ويو. ڪيس هليو، نوجوان کي بچائڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ شروع ٿي ويئي. نيتائن ڪافي لِک پڙه ڪئي، وڪيلن دليل ڏنا. پر سڀ اجايو. نتيجو ٻڙي، ڦاسيءَ جي سزا جو حڪم ٿيو. ڦاسيءَ جو حڪم ٻڌي وير جو منهن ملول نه ٿيو. چهري تي رؤنق هئي ۽ چپن تي مسڪراهٽ. آخر تائين ديش ڀڳتيءَ جا گيت پئي گنگنايائين.

١٩٤٣ع ڦاسيءَ جو ڏينهن

صبح جو اُٿي سنان پاڻي ڪري گيتا جو پاٺ ڪيائين ماتر ڀومي‌ءَ کي پرڻام ڪيائين. ڦاسي ڏيڻ مهل ڪائنس آخري اِڇا پُڇي ويئي. چيائين، ''انگريزو ڪئٽ انڊيا ٻُلند آواز ۾ ڀارت ماتا جي جئه پڪاريندو رهيو ۽ ويرگتيءَ کي پراپت ٿيو. هڪ ڪويءَ لکيو آهي:

اصلي عاشق سي ئي، جن پنهنجو پاڻ مٽايو،
هيمون هو تن مان هڪ، جنهن سوريءَ کي اپنايو.

پرنسيپال جي. وي. مورجاڻي

سُگند

سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون

۱. اَڻ هيريا نه هير متان هري پوني
پيچ نه هير هرلين جي متان وڙهي پوني

ڪنهن کي به ڪا عادت نه وجهجي. جي هڪ دفعو ڪنهن کي ڪا
هير وجهبي ته پوءِ بند ڪرڻ ڏکي ٿي پوندي.

۲. ڪڏهن روح راڳن ۾ ته ڪڏهن بيتن مان بيزار

اِنسان سدَن ماڻ ۾ مشغول رهي ٿو ۽ ڪڏهن اُنهن ئي پدارٿن مان
تنگ ٿي پوي ٿو.

۳. ڏاڙهي ڏجي سنوارڻ لاءِ ۽ نه ڪارڻ لاءِ.

چڙب ڏبي آهي اِن لاءِ ته اڳلو سڌري ۽ نه بگڙي.

۴. جهڙي درشٽي تهڙي سرشٽي.

اَسان جنهن نظر سان ڏسنداسين اُهو ئي نظارو نظر ايندو.

۵. زالان، زالان ملڪ ڪن تالان؟

مطلب ته ڪڏهن زالن جي ڪري، ملڪ ڦرجي لٽجي برب
ٿي ويندا آهن.

٦. وَني ڪان وڏو، سؤر ڪُنيءَ جو.

ونو-مڙس، مڙس ڪان وڌيڪ ڪاڏي پيتي جي چنتا هجي ته اِئين چئج

۷. مئي جو ڏيئو ڏهه ڏينهن.

مطلب ته ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ سرڳواسي آهستي آهستي وسرندو وين

۸. تون لڏڻ چڙيو، اڄ لڏن ٿا لاٽا،
سڄڻ سرمو چڙيو، اڄ پائن ٿا ڪاٽا.

اڄ شريفن جي جاءِ تي ڪميڻن اچي وارو وڄايو آهي.

۹. گهرجئي پاڳ، ته سويل ٿي جاڳ.

جيڪو ساجهر سويل اُٿي ٿو تنهنجو نصيب به زوردار ٿئي ٿو.

(سترامداس سائل)
- ڏُرن جي دهلي


LADLA HOUSE
NEW
LADLA





